# ويڳاٽپ جو فلسفو

خاڪي جويو

ساڃاهه پبليڪيشن حيدرآباد

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ويڳاڻپ جو فلسفو

## خاڪي جويو

ساجاھ پبليڪيشن حيدرآباد

134 پٺائي ٽائون حيدرآباد سنڌ

books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ويڳاڻپ جو فلسفو |
| ليکڪ: | خاڪي جويو |
| ڇاپو: | ٻيو |
| ڇپائيندڙ: | ساڃاهه پبليڪيشن حيدرآباد |
| ڇپيندڙ: | احمد پرنٽرس ماروڙي ٽائون روڊ حيدرآباد |
| قيمت: | 17روپيه |

## گهرائڻ لاءِ ايڊريس

ساڃاهه پبليڪيشن

134 پٺائي ٽائون، حيدرآباد


## پهرين قسط

هيءُ شخصيت جي ويڳاڻپ جي تصور بابت مضمون، جيڪو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، اهو اردوءَ جي مشهور ترقي پسند اديب ۽ دانشور محترم سبط حسين جي "موسيٰ سي مارڪس تڪ" ڪتاب جي چوڏهين باب "مارڪسي فلسفهءِ بيگانگي" جو ترجمو آهي.

هن مضمون ۾ مصنف مارڪسي فڪر جي روشنيءَ ۾ بيگانگيءَ جي فلسفي جو تنقيدي جائزو ورتو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت سونهن ۽ سچ کي اپرڻ ۽ اسرڻ کان روڪڻ جو عمل، طبقيوار سماج جي پيداوار آهي ۽ انهيءَ طبقيوار سماج جو آخري ڇيهه يا ڏنگ سرمائيداري نظام ۾ ٿئي ٿو، جيڪو انسان جو آزاد تخليقي عمل کسي، ان کي پئسي ۽ دولت جو غلام بڻائي ڇڏي ٿو. انهيءَ ڪري انسانن جون خواهشون، خوشيون،احساس ۽ امنگون پئسي جي پنجوڙ ۾ پيڙهجنديون ۽ دولت جي درياهه ۾ غوطا کائينديون رهن ٿيون.

سرمائيداري سماجي نظام انسان جي حقيقي انساني احساسن ۽ امنگن کي ڪچلي ۽ فطري جذبن کي چيڀاٽي ڇڏي ٿو. ان جي جاءِ تي مصنوعي ۽ هٿرادو خواهشن جو مريد بڻائي ڇڏي



books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ٿو، جيڪي ڪيس رات ڏينهن دولت جي ديوتائن جي آڏو سجدا ڪرائينديون رهن ٿيون. جڏهن ته انسان جي انسان ٿيڻ جو بنياد ئي اهو آهي ته انهيءَ جي پنهنجن سماجي خواهشن ۽ ضرورتن جي پورائي لاءِ هن پاڻ ۾ فطرت تي قبضي ڪرڻ واري عمل جي سگهه ۽ صلاحيت پيدا ڪئي آهي پر جئينءَ ته اڄوڪي پرماري سرمائيداري سماج، انسان جي حقيقي ۽ فطري ضرورتن ۽ گهرجن، خواهشن ۽ خوشين، احساسن ۽ امنگن کي دولت جو غلام بڻائي ڇڏيو آهي، ان ڪري هر اهو انسان، جيڪو موجود پرماري سماجي شعور سان لاڳاپيل هجي ٿو. بنيادي فطري انساني خواهشن ،احساسن ۽ امنگن کان ڪورو ۽ وانجهيل رهي ٿو ۽ پئسن ڪمائڻ جي مشين ٿي پئي ٿو. ڇاڪاڻ ته موجوده پرماري سماج جي روز مره جون حالتون ڪيس بانور ڪرائينديون رهن ٿيون ته پئسي ۾ هر شيءِ جي خريدڻ جي سگهه سمايل آهي. جنهن انهيءَ کي ”پاڻ ڏاڍيءَ طاقت“ ۾ بدلائي ڇڏيو آهي.

سرمائيداري سماجي سوچ سان سلهاڙيل سرمائي جو سردار چوندو آهي ته منهنجي طاقت جو سرچشمو منهنجي دولت آهي، سرمائي جي سگهه منهنجي پنهنجي سگهه آهي، ته صلاحيت به آهي. مان بدصورت هوندي، خوبصورت عورت خريد ڪري، پنهنجي بغل ۾ وِهاري سگهان ٿو،



منهنجي بد شڪليءَ کي منهنجي دولت، خوبصورتيءَ ۾ بدلائي ڇڏي ٿي. مان لولو لنگڙو هوندي، چوويهن پيرن وارو انسان آهيان، منهنجي دولت منهنجي هر عيب کي ڍڪي ڇڏي ٿي. مان نفرت ۽ ڌڪار جهڙو هوندي، ۽ بي اصولو ۽ بيوقوف هوندي، ايماندار، عزتدار ۽ سمجهدار آهيان. منهنجي دولت منهنجي عزتداري، منهنجي ايمانداري ۽ سمجهداري جي محافظ آهي. هڪ دولتمند انسان بي ايمان هوندي، ايماندار هجي ٿو، ابوجهه هوندي، سمجهدار هجي ٿو، نالائق هوندي، لائق هجي ٿو، ۽ نااهل هوندي، اهل هجي ٿو. ان ڪري پئسو هر هڪ شيءِ جو حقيقي ذهن آهي.

اهو سرما يو ئي ته آهي، جيڪو انسان جي غير فطري خواهشن کي اڀاري، ان جي حقيقي انفراديت کي ختم ڪري ڇڏي ٿو، ۽ فرد جي ذات ۾ ٽوڙي ان جي سماجي لڳ لاڳاپن ۾ وگوڙ پيدا ڪندو آهي ۽ انسان جي غير فطري صفتن ۽ صلاحيتن جي غير فطري تعمير ڪندو آهي.جنهنڪري بيوفائيءَ کي وفاداريءَ ۾، ۽ وفاداريءَ کي بيوفائيءَ ۾، محبت کي نفرت ۾، ۽ نفرت کي محبت ۾، نيڪيءَ کي بديءَ ۾، ۽ بديءَ کي نيڪيءَ ۾، حماقت کي ذهانت ۾، ۽ ذهانت کي حماقت ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي.



books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انسان جو بحيثيت انسان جي، پئسو نفي ڪندو آهي، پر جي انسان کي انسان سمجهندي، ان جي فطرت جي لاڳا پي کي، انساني لاڳاپي جي صورت ۾، ڏسبو تہ پيار جي بدلي ۾ پيار ۽ ڀروسي جي بدلي ۾ ڀروسو ملندو. جيڪڏهن ڪنهن کي آرٽ يا فن مان لطف اندوز ٿيڻو آهي، تہ ڪيس آرٽ ۽ فن جو ڄاڻو ٿيڻو پوندو يا پنهنجيءَ شخصيت جو ٻين ماڻهن تي اثر وجهڻو پوندو، ۽ اهڙي قسم جي شخصيت ٿيڻ لاءِ ٻين ماڻهن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ڪہ ڪنهن سان محبت ڪرڻ گهري ٿو، تہ ڪيس پنهنجي محبوب ۾، پنهنجي پاڻ لاءِ محبت جو جذبو پيدا ڪرڻو پوندو يعني ڪيس پاڻ ۾ محبوباڻو انداز پيدا ڪرڻو پوندو.

سرمائيدار سماج ۾، پئسي پرستي زندگيءَ جو مقصد ٿي پوندي آهي، جنهنڪري انسان جو ذهن ۽ ضمير زربجي پوندو آهي ۽ انسان پنهنجيءَ انسانيت کان محروم ٿي ويندو آهي. ۽ هو نہ صرف پنهنجي انفرادي آزادي وڃائي وهندو آهي، پر تخليقي يا سرجڻهار صلاحيتن کي غيرن جي غرض پرست مفادن جي منهن ۾ ڏئي ڇڏيندو آهي. ڪيس ٻيا انسان ئي نہ پر پنهنجي ذات بہ پرائي نظر ايندي آهي.

سرمائيدار سماج ۾ پورهيي کي پيداوار کان پري رکيو ٿو وڃي، يعني خالق کان مالڪي کسي وڃي ٿي. ٻين لفظن ۾ اوپرائپ، اڪيلائي ۽ ويڳاڻائيءَ جون ذاتي گهرجون ۽ خواهشون، اصل ۾ ذاتي ملڪيت جي پيداوار ٿين ٿيون،



جيڪي سرمائيداري سماجي نظامَ ۾، پڇي راس ٿين ٿيون.

لائق ليکڪ پنهنجي ڪتاب جي هن باب ۾، سرمائيدار نظام ۾، ذات جي ويڳاڻپ جي سمجهاڻي، لکي ٿو، تہ جيئن تہ اڄ سوڌو انساني ارتقا جو وڏو عرصو، زندگي گذارڻ جي منصوبا بند طريقي جي بدران زندگيءَ جي ذريعين جي هٿ ڪرڻ ۾ گذريو آهي،انڪري انسان ۽ حيوان جي جيوتي جوڙ (حياتياتي عمل) ۾ نعيت يا جوهر جو نہ پر درجيوار فرق رهيو آهي جيتوڻيڪ انسان جنهن، آئيندي جي سماجي اڏاوت جو گهرجائو ۽ ڳولائو رهيو آهي، انهيءَ ۾ هو پهريون ڀيرو آزاد ۽ خودمختيار انسان ٿي اچڻ وارو آهي، جنهن ۾ ان جي ذات جي ستابي صورت، ذات جي ظهور ۽ ذات جي حصول ۽ آسودگي لاءِ انسان جي پنهنجي پاڻ ڏانهن هڪ مڪمل ۽ پاڻ ڀري موٽ هوندي، جيڪا پاڻ ۾، انساني ترقي جي سموري تخليقي تهذيبي ورثي کي سميٽي وٺندي، اهڙو انساني سماج پوريءَ ريت سڌريل فطرت جي حيثيت ۾، انساني قرب ۽ پيار جو خالق هوندو، ۽ پوريءَ ريت انساني حيثيت ۾، فطرت جو مالڪ هوندو.

خاڪي جويو
22 . 2. 1985ع

سڪرنڊ



books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ويڳاڻپ جو فلسفو

اڪيلائي، اباڻڪائي يا ويڳاڻائي نفسيات جو هڪ اهڙو اصطلاح يا محاورو آهي، جنهنجو مطلب شخصيت جي پيچ ڊاهه آهي. اها هڪ اهڙي ذهني ڪيفيت آهي، جيڪا انسان کي پنهنجي سماج ۽ تهذيب کان ٿي نه، پنهنجي پاڻ کان به پري ڪري ڇڏي ٿي. جنهن جي ڪري هو پنهنجي پاڻ کي هزارين، لکين ماڻهن ۾ به، اڪيلو، اوپرو،بيسهارو ۽ بي يارومددگار محسوس ڪندو آهي. ڪيس آسپاس واريون شيون پرايون ۽ ويڳاڻيون لڳنديون آهن، نتيجي ۾ هو سمورين سماجي سرگرمين ۽ انساني تصورن کي اڻ ڪارائتو ۽ ڪنهن نه ڪم جو سمجهندو آهي. اهڙيءَ ذهني



بيماريءَ يا پيڙاءَ جو ڪارڻ بيوسي ۽ لاچاريءَ جي آڪيڙن تي چڙهيل انساني احساس ٿئي ٿو.

جڏهن انسان کي پڪ ٿي وڃي ٿي، ته ڪيس پنهنجي زندگيءَ تي ڪو اختيار ڪو نه آهي، نه هو پنهجين حالتن کي سڌاري سگهي ٿو ۽ نه پنهنجي ڪنهن عمل سان دنيا ۾ ڪا هلچل پيدا ڪري سگهي ٿو، ته اجائي هجڻ جو احساس ڪيس سماجي قدرن کان ۽ بيوسيءَ جو احساس ڪيس پنهنجي ڪردار ۽ عمل کان پري ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح هو پنهنجيءَ شخصيت کي لبي، لوئي ۽ وڃائي ڇڏيندو آهي.

ٻي عالمي جنگ کان پوءِ موڙيواد ملڪن ۾، خاص ڪري آمريڪا ۽ يورپ ۾، انهيءَ ذهني بيماريءَ جي اذيت پسنديءَ ۽ پيڙا پرستيءَ وچڙندڙ مرض جي صورت اختيار ڪري ورتي هئي، حياتيءَ جي هيٺي هجڻ جي احساس، انسان جي ذات ۽ صفات جي ڪنهن ڪارج جي نه هجڻ جي احساس، اخلاقي قدرن جي اٿاٿ، پورهيي کان پري رهڻ جي پٽ، انسان جي انسان کان بيزاري ۽ ويڳاڻائي، قتل، خون، ۽ خود ڪشين جي وارداتن، جبر، جبر جي ڪاڻ جي پرچار ۽ پروپيگنده يا جنسي جانور پڻي، پنهنجائيءَ ۽ سچائيءَ جي پيچ ڊاهه، ذات جي اوپرائيءَ ۽ ويڳاڻائيءَ جا اڻ ڳڻيا روپ آهن، جيڪي اجوڪي اونهه



books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جي دنيا جي روزمره جي رواجن ۾ شمار ٿين ٿا. ايئن "پاڻ پٽي" جي پيڙا پرستيءَ جو پرچار، اڻڪارائتي آئيندي جو اظهار ۽ مقصد کان منهن موڙ مونجهارن جو مانداڻ جو ماحول اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي اجوڪي اولهه جي ادب، آرٽ، ڊرامي، فلم، چترڪاريءَ ۽ ٻيءَ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ واضع طور چٽي نموني ڏسي ۽پسي سگهجن ٿيون. اهڙن ئي سببن جي ڪري، اجوڪي اولهه جي فلسفين، نفسياتي ماهرن، ۽ سياسي ساڃاهه وندن ۾، [1] "مارڪس جو تصور" جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ميتا ۽ مقبوليت ماڻيندو وڃي ٿو. ناڻيواد نظام جي نگهبانن کي اهو محسوس ٿيڻ لڳو آهي، ته سماجي انتشار ۽ وڳوڙ جو ڪارڻ، انسان جو اندروني ڪميڻپڻو نه پر ان جو اصل بنياد لوڀ ۽ لالچ ۾ لوئل سماجي نظام جي پنهنجي بيهڪ آهي. جنهن ماڻهوءَ کان ماڻهپو ڪسي، سندس شخصيت ڇيهاڙيون ڪري ڇڏي آهي.

شخصيت جي اهڙي ڊاهه ٻوهه يا ڀڃ ڊاهه، تڏهن کان شروع ٿي آهي، جڏهن کان پرماري استحصالي سماجي نظام جو وجود پيو آهي، جنهن انساني اتحاد ۽ايڪي جو ڏونگر ڏاري وڌو آهي. پر جڏهن اڃا استحصالي پرماري سماجي نظام وجود ۾ نه آيو هو، ۽ نه دنيا جي تختي تي بادشاهتن ۽ شهنشاهتن وجود ورتو هو، ته هرڪو قبيلو گهر جي



ڀاتين وانگر گڏجي گذاريندو هو. ماڻهو پوکي راهي ڪرڻ، ڌڻ ڌارڻ، مڇين مارڻ واري گڏيل سماجي نظام ۾ گڏجي رهندا هئا. انهيءَ دور ۾ سڄو سماج گڏيل ايڪي ۾ رهندو هو. اهڙي سماج ۾ فرد ۽ سماج جي مفادن ۾ ڪا به ڇڪتاڻ يا اڻبڻت ڪا نه هئي، ۽ نه ڪو ديوتا يا مذهب وغيره هو. انسان جو ڪائنات بابت تصور پنهنجن روزمره جي تجربن جي سمجهه ۽ سوچ موجب هو. ڪيس وڻن ٽڻن، ٻوٽن ۽ جهنگلن، جبلن ۽ جانورن وغيره ۾ ڪو فرق يا ويڇو ڏسڻ ۾ ڪو نه ايندو هو. هن وٽ انسان، سماج يا جانور يا جهنگ جبل سڀ هڪڙي وحدت هئا. هو اڻ ڄاڻ هوندي به وحدت الوجود جو قائل هو.

پر پوءِ جيئن جيئن استحصالي سماجي نظام ۽ بادشاهتون قائم ٿينديون ويون، تيئن تيئن راڄائن جون رعيتون حاڪم ۽ محڪوم، مالڪ ۽ ٻانها، ڏاڍا ۽ هيڻا، خاصا ۽ لاسا، ڄام ۽ عام جا ويڇا وڌندا ويا. ايئن انسان ۾ ٻٽريائي، ۽ هيٺ مٿاهين عقيدن ۽ اصولن،وهمن ۽ ويساهن ۾ ظاهر ٿيندي وئي. نتيجي ۾ خدا ۽ ان جي ڪائنات، خالق ۽ ان جي مخلوق۽ معبود ۽ ان جي عابدن ۾ ورهاست به ٿيندي وئي. يعني خدا ۽ ان جي بندي ۾ ٻيائي پيدا ٿي پئي. ٻه الڳ الڳ وجود ۽ هستيون پيدا ٿي



books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيون. جن مان هڪ هستي ساري جڳ جهان جي جوڙ ڪان جدا اعليٰ، افضل، پاڻوهيٽي ۽پاڻ ڏاڍي ذات ٿي پئي، انهيءَ سماجي ثنويت يا ٻٽريائيءَ جي عقيدي، ڪائنات جي وحدت يا هيڪڙائيءَ جي تصور کي ڇيهاڙيون ڪري ڇڏيو ۽ وَحدت الوجود جي عقيدي جي پڄاڻي آڻي ڇڏي.

انسان ويچاري لاءِ هاڻي ٻي ڪا نہ رهي هئي، تہ هو خدا جي حڪمن ۽احڪامن جي بنا ڪنهن چونچرا جي پيروي ڪندو رهي، ۽ رب جي رضامنديءَ تي راضي رهي چڱا ۽ نيڪ ڪم ڪندو رهي، جيئن هن جهان کي ڇڏڻ ڪان پوءِ ، ٻئي جهان ۾ خدا جي وبجهڙائيءَ جو وصال حاصل ڪري سگهي. پر اهڙيءَ قربت يا ويجهڙائي ۽ وصال ڪڏهن بہ وحدت جي وصال ۾، بدلجڻ جهڙو ڪو نہ هو. ڇاڪاڻ تہ مخلوق پنهنجي خالق جي حصيداريءَ ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿي، ۽ نہ پاڻ ئي خدا ٿي سگهي ٿي. جيتوڻيڪ ان جي اندر جو آواز اهوئي هو، تہ ”پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين، هئا اڳهين ڳڏ ٻڌڻ ۾ بہ ٿيا.“ هن ثنويت يا ٻيائيءَ جي فلسفي کي صوفين وٽ ڪڏهن بہ ڪا ميجتا ڪا نہ ملي سگهي. انڪري اهي وَحدت الوجود عقيدي يا اصول جي پوريءَ ريت پيروي ڪندا رهيا، سندن چوڻ هو، تہ جڏهن خدا عرش ۽فرش ۾ پاڻ ئي آهي، ۽ اسان جي رڳ ڪان بہ ويجهو آهي، تہ پوءِ انهيءَ کي ڪائنات يا پاڻ ڪان



الڳ يا جدا ڇو سمجهيو وڃي. ان ڪري ڪائنات ۾ موجود هر هڪ شيءِ نہ صرف خدا جو جلوو آهي، پر خود خدا آهي.

”وحدت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي ۾ ڀُل،
هوءَ هلا ڇو هُل، ٻاالله سَندو سَڄڻين.“

خدا ڪائنات جي زري پرزيَ ۾ موجود آهي، ۽ ان جي وجود کانسواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ موجود ڪا نہ آهي. (لاموجودالله ) بلڪ هرڪا شيءِ خود خدا آهي. منصور جو ”اناالحَقُ“ جو نعرو انهيءَ هيڪڙائيءَ جي حق جو دل آهي. جي اها هيڪڙائي پنهنجي هل يا حق ڪان جدا ٿئي بہ ٿي، تہ اها عارضي ۽ وقتي سمجهڻ گهرجي. انسان پنهنجي نفس سان جنگ ڪري، حق سان حق يا فنافي الله ٿي سگهي ٿو. وِصل ۽ فنا جي فلسفي جو اهوئي مقصد آهي، هئڻ ۽ نہ هئڻ ، فنا ۽ بقا، اندر ۽ ٻاهر، امير ۽ فقير، شاهہ ۽ گدا، زاهد ۽ زاني، يا مومن ۽ ملحد جو فرق ۽ ويڇو خيال جي پورائيءَ تائين ڪاحقيقت ڪا نہ تا رڪن،بلڪ” آءُ ۽ تون“ واري وڇوٽي بہ شڪ ۾ شمار ٿئي ٿي.

ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي ڏاڪن تي ويٺل ڏاڍ ڏٺي، هن انقلابي ۽ انسان دوست فلسفي جي سياسي ۽ سماجي رازن ۽ رمزن ڪان چڱيءَ ريت واقف هئا ۽ آهن، اهوئي سبب آهي،



books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جو وَحدت الوِجود جو عقيدو ۽ اصول تخت ڏٽين جي تاج سان لاڳاپيل ڏرم جيڏوڪڙين ۾ ڪڏهن به جوڳي جاءِ وٺي ڪو نہ سگهيو ۽ وَحدت الوِجود جي فڪر جي ڦرهي پڙهندڙن تي ڏاڍ ڏٽي سدائين ڏمريل رهيا، جيتوڻيڪ اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ سنڌي، هندي، اردو، فارسي، پنجابي ۽ پشتو ( ۽ سرائڪي بہ) شاعريءَ جو سڀ کان معروف ۽ وڻندڙ موضوع وَحدت الوِجود جو فلسفو رهيو آهي. ڀڳتي تحريڪ کان وٺي اڄ سُوڌو شايد ڪو شاعر اهڙو هجي، جنهنجو ڪلام ۽ شاعري وَحدت الوِجود جي ثناءخوانيءَ يا ساراهہ سان ٽمٽار نہ هجي. هن ڌرتيءَ جا ڪئي اهڙا شاعر ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي پوري ڄمار، هيڪڙائيءَ جي حق جون ڪافيون ۽ ڪلام ڳائيندي گذاري ڇڏي آهي.

يورپ سترهين ۽ ارڙهين صدين ۾، جيئن جيئن سائنسي ترقي ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ لڳو، صدين جي ڳجهين ڳالهين تان لَٽ ۽ رَئو بہ لهڻ لڳو. ڪائنات، خدا ۽ انسان جي وچ وارن لاڳاپنَ تي غور ۽ ويچار ٿيڻ لڳو. انهيءَ دوران ماديت پسند مفڪرن، انهيءَ سڄيءَ دليل بازيءَ کي اهو چئي رد ڪري ڇڏيو تہ ڪائنات ۾ انسان سميت موجود سمورا وجود مادي جون مختلف صورتون آهن، جيڪي مادي جي چرندڙ پرندڙ ۽ ڦرندڙ گهرندڙ قانونن جي تابع



آهن، ۽ مادي جي انهيءَ چرپر ۽ ڦير گهير يا تحرڪ يا تبديليءَ ۾ نہ ڪنهن ٻاهرين اڻ ڏٺيءَ سگهہ جو دخل آهي، ۽ نہ ئي اهڙيءَ ڪنهن هستيءَ جو هن ڪائنات ۾ وجود آهي. پر تصوريت پسند مفڪر اهڙين تاويلن کي مڃڻ وارا ڪو نہ هئا. انهيءَ ڪري اهو منجهائيندڙ مسئلو ، انهيءَ نقطي تي پهتو، تہ انسان پاڻ کي سڃاڻڻ واريون مرحليوار منزلون طئي ڪري خود خدا ٿي سگهي ٿو. انهيءَ سوال کي سڀ کان اول جرمنيءَ جي مفڪر ”گوئٽي“هٿ ۾ ڪنيو. ۽ پنهنجي جڳ مشهور ناٽڪ يا ڊرامي ”فائوسٽ“ جي مرڪزي ڪردار جي، ذريعي انهيءَ ”ڳوڙهيءَ ڳُنڍِ“ جي کولڻ جي ڪوشش ڪئي.

”فائوسٽ“ هڪ وڏو عالم ۽فاضل انسان آهي، ۽ اهو خدا وانگر ”لاحد“ يا ”عقلِ ڪُل“ ٿيڻ ٿو چاهي، پر انهيءَ ۾ ناڪام ٿو وڃي. ڇاڪاڻ تہ خدا ۽ انهن جي وچ ۾ هڪڙو بي انت بحر آهي، جيڪو ويچاري انسان جي پار ڪرڻ جو ڪو نہ آهي. اهڙيءَطرح ”ڪانٽ“ بہ جيتوڻيڪ ”گوئٽي“ جي خيال جو آهي، پر پوءِ بہ هن وچ واري واٽ ورتي آهي. سندس خيال آهي، تہ انسان ۾ اڌ اوصاف الوهي يا خدا جا آهن، ۽ اڌ بشري يا انسان جا آهن، ان ڪري انسان جو اڌ پاليندڙ يا سماوي آهي، ۽ جاليندڙ اسفلي آهي. اهڙيءَ طرح ان جي شخصيت ٻن حصن ۾ ورهايل آهي.



books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

انهيءَ ڪري ان جو اندر ھاڪاري يا مڪمل آهي، ۽ ٻاهر نڪارو يا نامڪمل آهي. اهوئي سبب آهي، جو هاڪاري کي ناڪارو اوپرو يا ويڳاڻو لڳندو آهي.
ڪانٽ جو انسان، جيسين جيئرو آهي، تيسين پنهنجي پاڻ سان وڙهندو رهندو آهي، پر ان ۾ اهو ڪامياب ٿي نہ سگهندو آهي.ڪانٽ جي انهيءَ اندروني ويڙهاند جو هڪ ئي حل يا نبيرو ٿي سگهي ٿو. اهو هيءُ تہ انسان پنهنجي اخلاقي اوک ڊوک ۾ ڪندو رهي تہ پاڻ پٽي جو پورائو بہ ڪندو رهي. هڪ بيوس ۽ بي پهچ انسان لاءِ ان ڪانسواءِ بي ڪا واھ بہ ڪا نہ آهي. ۽ نہ ڪو وسيلو آهي، تہ اهو اول کان آخر تائين اخلاقي تڪميل جي ناڪار کان هاڪار تائين پنهنجي پاڻ سان وڙهندو رهي.
هيگل، ڪانٽ جي انهيءَ ٿنويت يا ٻيائيءَ جي نظريي کي نہ ٿو مڃي، تہ ڪو خدا انسان جي ذات کان جدا ڪا ٻاهرين هستي آهي، سندس خيال آهي، تہ خدا انسان جي پنهنجي وجود جي اندر موجود آهي.ڀٽائيءَ چواڻي:
"پاڻ ئي جل جلال، پاڻ ئي جان جمال،
پاڻ ئي صورت پرينءَ جي، پاڻ ئي حُسن جمال.
هيگل جو خيال آهي، تہ تاريخ جي تسلسل جي دوران، انساني ذهن جي ارتقا، پاڻ ڏاڍيءَ ذات جي شعور ڏانهن خدا جو لاڳيتو سفر آهي. هن جو چوڻ آهي، تہ فطرت ۽



انسان، روح جا ٻہ رُخ يا ريلا آهن، فطرت اهو روح آهي، جنهن کي پنهنجي روح هجڻ جو شعورڪو نہ آ. ي، ان جي ڀيٽ ۾ انسان اهو روح آهي، جنهن کي انساني سرگرميءَ جو شعور آهي. اهڙيءَ طرح غير شعوري فطرت ۽ شعوري انسان هرگهڙيءَ هڪ ٻئي جي خلاف برسر پيڪار يا چيوٽيل آهن. اهائي ان جي وجود جي ويڳاڻپ آهي، پر عقل، مت ۽ شعور جي ذريعي انهيءَ وجود جي ذات جي وڳاڻپ تي سوڀ حاصل ڪري سگهجي ٿي. پر ان بابت ڪانٽ جو موقف آهي، وجود ۽ ذات جي وڳاڻپ جو ڪارڻ، انسان جو الڙهي ۽ بشري ڀاڱن ۾ ورهائجي وڃڻ ۽ پنهنجي پاڻ سان ويڙهاي. جڏهن تہ هيگل جو چوڻ آهي، تہ روح، غير شعوري فطرت ۽ شعوري انسان ۾ ورهايل آهي. جيڪي سدائين پاڻ ۾ زورآزمائي ڪندا رهن ٿا.
فيورباخ جو چوڻ آهي تہ" ذات جي ويڳاڻي ڪيفيت ۾ خدا ناهي، پر خدا پنهنجي ذات جي ويڳاڻي ڪيفيت ۾ انسان آهي."ان ڪري انسان جي ويڳاڻپ جو ڪارڻ ئي اهو آهي، جو انسان، پنهنجين بشري يا انساني خوبين کي خاص ڪري خلقڻهار خوبين کي خدائي قوتن ڏانهن منتقل ڪري يا موٽائي ڇڏيو آهي.۽ پاڻ اڪيلو، اڪيلو ۽ ويڳاڻو ٿي پيو آهي. جيتوڻيڪ انسان جي خلقڻهار



books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪائنات جي ڳانڍاپي تي ڳالهائيندي لکي ٿو، تہ ”فطرت انسان جو نامياتي يا اڻ گهڙيل وجود آهي انسان غير نامياتي فطرت جي سهاري جيئي ٿو. نظرياتي اعتبار کان وڻ، ٻوٽا، جانور، معدنيات ۽ هوا يا اس وغيره فطرت. سائنس ۽ آرٽ جي طور ٻاهرين صورت ۾، انساني شعور جا جزا يا ڪرڻا آهن، جيڪي انسان جي غير نامياتي روحاني فطرت يا زندگيءَ جا ذهني يا روحاني وسيلا آهن. انهيءَ لحاظ کان انسان پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ انهيءَ ٻاهرئين قدرتي ماحول مان کاڌو، ڪپڙو، ۽ گهر وغيره جي لاءِ سرگرمي حاصل ڪري جيئندو آهي. عمل جي ميدان ۾ انساني آفاقيت، انهيءَ آفاقيت جو روپ اختيار ڪندي آهي، جيڪا پوريءَ ڪائنات مان ڪيس غير نامياتي جسماني وجود ٺاهي يا جوڙي ڏيندي آهي. ”انسان فطرت جي سهاري جيئي ٿو، ان جي مراد بہ اهائي آهي، تہ فطرت انسان جو جسماني وجود آهي. جيڪڏهن هو جيئڻ ۽ زنده رهڻ چاهي ٿو، تہ ڪيس انهيءَ ٿي جسماني وجود سان مسلسل لاڳاپي ۾ رهڻ گهرجي.“(مخطوطاط صفحہ 101

هن فطرت جي هستي، انسان کي، جيڪا خاصيت يا وصف ٻيءَ سڄيءَ جيوڏاريءَ کان جدا يا مٽيرو ڪري ٿي، سا سندس ارادي ۽ سمجهہ جي سرگرمي ۽ پورهيي جي



پيداوار آهي. ان جي زندگي جانورن وانگر رڳو پاڻ تائين(کاڌو، پيتو، آرام ۽ نسل جي واڌ وغيره) پوري ڪا نہ آهي، پر انهن جي پيٽ ۾ هو پنهنجي واڌاري، سڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ وڙهندو ۽ وڌندو بہ رهي ٿو ان ڪري هو هڪ اهڙي جڳ جوڙيندڙ سگهہ ٿي ويو آهي. جيڪا تاريخي لحاظ کان ساري جڳ جهان جو سرجڻهار عمل ٿي پئي آهي. انهيءَ خلقڻهار عمل جي ڪري، هو ڪئي مادي ۽ روحاني جوڙون جوڙي ٿو، جيڪڏهن مذهب، خاندان، قانون، آرٽ ۽ سائنس وغيره غير مادي يا روحاني جوڙون آهن، تہ فيڪٽريون، ڪارخانا، ۽ انهن جون مشينون وغيره انهيءَ جي خلقڻهار خاصيت جا مورچا آهن. جيڪي انسان جي هٿن، ڪنن ۽ دماغ جي پيداوار جا پرتوا آهن ۽ انهن جون طبعي وُسعتون آهن. ٻين لفظن ۾ تہ اها پيداوار جي واڌاري ۽ وُسعت جي تاريخ آهي جيڪا انسان جي دل، دماغ ۽ هٿن جي جوڙ آهي. انسان جيڪي بہ شيون پيدا ڪري ٿو، سي سڀ اندروني ۽ بيروني طور جسماني وجود رکن ٿيون. انهيءَ ڪري شين جي پيدا ڪرڻ ۾،جيڪو پورهيو يا سگهہ ڪُتب اچي ٿي، اها انساني پورهيي جو ٻاهريون روپ وٺندي آهي، ۽ وقت جي گذرڻ سان، اهي روپ يا صورتون، انسان جي ٻاهرين ماحول جون صورتون ٿي وڃن ٿيون، جيڪي رڳو



books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

قدرتي ماحول تي ئي اثر انداز ٿيون ٿين، پر هوريان هوريان، انهيءَ تي حاوي ٿي وينديون آهن.

ناٿيواد نظام ۾، انسان جيئن جيئن آس پاس جي ماحول تي نظر وجهندو آهي، تيئن تيئن شيون، جيڪي هو پاڻ جوڙيندو آهي، سي ڪيس اوپريون ۽ ويڳاڻيون لڳنديون آهن. جنهن ڪري ڪيس لڳندو ايئن آهي، ڄڻ هن جي هٿن جي جوڙيل جوڙ به هن جي پنهنجي نه آهي. مارڪس ٺيڪ ئي چيو آهي، ته "ويڳاڻائيءَ جو نظام، ناٿيواد نظام جي پيداوار آهي. چاڪاڻ ته ذاتي ملڪيت ۽ ذاتي زر ۽ زمين جي هڪ ٻئي کان اوپري صورت يا مٽا سٽا يا ڇنڊڇاڻ يا منيبڙ ۽ هڪ هٿي ويڳاڻي وجود جون خالق آهن، جيڪي ناٿيواد نظام جي پيداوار آهن.

جيتوڻيڪ سمجهه ڀري سرگرمي ۽ پورهيي جي پتوڙ انسان جي رڳ رڳ ۽ سَنڌ سَنڌ ۾ سمايل آهي، پر سرمائيدار سماج جي خاصيت ته ان جون سموريون ڪم ڪاريون، فيڪٽرين، ڪارخانن، موڙيواد منڊين ۽ واپاري پيڙين ۾ ٿينديون آهن ۽ انهيءَ جي پوريءَ پيداوار جي پيڙهه جو پٿر پورهيت طبقو آهي. مارڪس جو چوڻ آهي، ته "اسان پنهنجي ڇنڊڇاڻ جي شروعات، ڪنهن هٿ ٺوڪئي ۽ جڙتو انسان جي وجود سان نه پر اڄوڪي دور جي اقتصادي حقيقت کي اڳيان رکي ڪنداسين، ۽



اڄوڪي دور جي سڀ کان اهم حقيقت هيءَ آهي، ته پورهيت پنهنجي پورهيي يا سرجڻهار سرگرميءَ جي دوران، جيڪا جوڙ جوڙي ٿو، انهيءَ کان هوبيگانگي ۽ اوپرائپ محسوس ڪري ٿو ۽ جڏهن اوپرائيءَ جو اهو احساس وڌي وڃي ٿو، ته اهو اڄوڪي انسان کي رڳو ٻين انسانن کان ئي نه پر پنهنجي پورهيي جي پراپت توڙي سرجڻهار سگهه کان به اوپرو بنائي ڇڏي ٿو. مارڪس ويڳاڻائيءَ جي فلسفي جي سمجهاڻي ڏيندي، ان جي شروعات پيداوار جي عمل سان ڪئي آهي، هن جو چوڻ آهي، ته "اڪيلائيءَ جو احساس پيداواري پتوڙ ۾ ئي ٿئي ٿو، چاڪاڻ ته ناٿيواد نظام ۾، پيداراري پتوڙ پاڻ مرادي پتوڙ (عمل جي اڪيلائي ۽ اڪيلائيءَ جو عمل) ٿئي ٿي جنهن ڪري پورهيت جو پورهيي ۽ پتوڙ سان لاڳاپو، وڇوڙي ۽ ويراڳ وارو ٿئي ٿو ۽ پورهيو، پورهيت جي وجود کان اوپرو ٿي وڃي ٿو پورهيو پورهيت جي وجود جي پرورش ته نه ٿو ڪري، پر موڙيءَ جي مالڪ جي مان ۽ مرتبي جو سبب ٿئي ٿو. نتيجي ۾ پورهيت پورهيو ڪندي، پنهنجي وجود جو اقرار ڪرڻ جي بجاءِ انڪار ٿو ڪري ۽ آسودگي حاصل ڪرڻ جي بجاءِ اداسي ۽ اڪيلائي ٿو محسوس ڪري.

هو پنهنجي جسماني ۽ ذهني توانائي يا سگهه کي آزاديءَ سان اوسر يا ترقي ڏيارڻ جي بجاءِ پنهنجي جسم کي جهڙو ۽ ذهن کي ذيان ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي، ته پورهيت جيئن ئي پورهيي کان پري ٿيندو آهي، ته پنهنجي پاڻ ۾ اچي ويندو



books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آهي پر پورهيو ڪندي هو پنهنجي پاڻ کان پري رهندو آهي هو جيترو وقت واندو هوندو آهي، تہ آرام ۽ سڪون محسوس ڪندو آهي پر جيئن ئي ڪم تي چڙهندو آهي، تہ هڪدم بي آرامي يا بيچيني محسوس ڪندو آهي پورهيو ان جي پنهنجي مرضيءَ وارو نہ پر زور ۽ زبردستيءَ وارو هوندو آهي. جنهن مان ڪيس ڪنهن بہ قسم جو آرام يا آسيس نہ ملندو آهي. اهو ان جي ٻاهرين ۽ اوپرين گهرجن جي پورائي جو رڳو هڪ ذريعو هوندو آهي "پورهيي جو ويڳاڻو وجود " ظاهر ڪندو آهي، تہ جيڪڏهن پورهيت کي مجبوري نہ هجي، تہ جيڪر هو پورهيي کان "اينئن وٺون وڃي، جيئن ڪانءُ وڃي ڪمان کان"(مارڪس جا مخطوطات. صفہ 98 )

پورهيي جي اهڙي، ويڳاڻائيءَ کي وجود جي ويڳاڻائي ڪوٺيندي، مارڪس چوي ٿو تہ "انهيءَ جا نتيجا ڏاڍا اڪرا ۽ هاجيڪار نڪرن ٿا. انسان پنهنجي ماڻهپي ۽ انسانيت تان هٿ ڌوئي ويهي ٿو. رڳو حيواني عمل ۾ ڪم ٿي وڃي ٿو. رڳو کائڻ، پيئڻ ۽ ٻار ڄڻڻ يا گهڻو گهڻو تہ گهريلو معاملن تائين پاڻ کي آزاد ۽ پاڻ وهيٽو سمجهي ٿو پر انساني عمل ۾ يا پيداوار جي پتوڙ ۾، سندس شخصيت سسندي، سڪڙجندي ۽ سوڙهي ٿيندي ويندي آهي. تان جو هو



# ڪراچيءَ جي ڊائري.

چوٿين تاريخ رات جو گهر سارنگ ڳالهہ ڪئي. تہ آريسر صاحب فون ڪيو آهي، تہ صبح جو ساڍي ستين بجي تيار ٿي اينداتہ ڪراچيءَ هلبو. ان ڪري آءُ رات جوئي سندن پٽائي ٽائون جي جاءِ تي پهتس تہ جيئن ڪانئن تفصيل وٺي سگهان. سندن جاءِ تي پهتس تہ سرائي قربان ۽ پاڻ پي رهيا هئا. حالي حوالي ٿياسين تہ خبر پئي تہ صبح جو ساڍي ستين تيار ٿي اينداتہ ڪراچيءَ هلبو. آءُ ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي سندن جاءِ تي پهتس تہ آريسر صاحب پاڻ تيار ٿيو ويٺا هئا. پر سرائي قربان اڃا ڪو نہ آيو هو. ان ڪري اسان سندن ملازم کي وٺي گهر آيس ۽ ساڃاهہ رسالي جون 100 ڪن ڪاپيون ۽ ٿيلهو کڻي سندن جاءِ تي



books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پهتاسون، تہ ايتري ۾ سرائي قربان بہ اچي ويو هو، ۽ گاڏي هيٺ بيٺي هئي. جنهن کان پوءِ گاڏيءَ ۾ چڙهي قاسم آباد مان هڪ دوست کي کڻي ۽ گاڏيءَ ۾ تيل وجهرائي، ڪراچيءَ روانا ٿياسون. ڪراچيءَ ۾ سندن هڪ ڪارڪن نيازوٽ گلشن حديد ۾ نيرن جو بندوبست ٿيل هو، ان وٽ ساڍي ڏهين پهتاسين تہ هو پاڻ گهر ۾ شايد ڪو نہ هو ۽ سندس جاءِ جو ڪم هلي رهيو هو. گهر اندر نياپو ڪيوسين تہ ڊرائينگ روم کولي ڏنو ويو ۽ ٿوريءَ ديرکان پوءِ ماني بہ آئي. شايد فون وغيره ٿي گهر وارن کي چيل هو. ايتري ۾ قومي ڪارڪن نواز چانديو بہ اچي ويو، جنهن کي بہ شايد اطلاع ڏنل هو. آرام ڪري اٺ وارا ٿياسون تہ اريسر صاحب کي گهر مان سڏ ٿيو ۽ اندران 5000 هزارن جو نوٽ وٺي آئي سرائي قربان کي ڏنو، ۽ پوءِ تيار ٿي گاڏيءَ ۾ چڙهي ، هڪ پيٽرول پمپ تان گاڏيءَ ۾ تيل وجهرائي رهيا هئاسون تہ اسان جي پٺيان هڪ ڪاري رنگ جي ڪرولا ڪار ۾ ڪي دوست آيا انهن مان بہ هڪ دوست نواز چانڊيي کي ڪي هزار هزار جا نوٽ ڏنا ۽ جيڪي ان اچي سرائيءَ کي ڏنا. مون آريسر صاحب ۾ين قومي ڪارڪنن وانگر پتي خوريءَ وغيره تي نہ پر پنهنجن قومي ڪارڪنن جي چندي چوڙيءَ يا امداد تي هلي ٿو.

بهرحال اسان پاسپورٽ آفيس پهتاسون تہ اڳواٽ ڪنهن آفيسر کي چيل هو، جنهن سان وڃي ملياسون، ۽ جڏهن شناختي ڪارڊن جي گهر ڪئي وئي تہ مون ڏٺو تہ آءٌ پنهنجو شناختي ڪارڊ گاڏيءَ ۾ وساري آيو آهيان. سو آءٌ



۽ ٻيو دوست گڏجي گاڏيءَ مان شناختي ڪارڊ کڻي آياسون، ۽ اچي گهربل ماڻهوءَ کي ڏنوسون. ان کان پوءِ اسان جون تصويرون ڪڍيون ويون ۽ ٽوڪن ڏنا ويا تہ ٻارهن ڏينهن کان پوءِ اچي پاسپورٽ وٺي وڃون. ٻاهر نڪري ساجد سومري اسان سڀني کي ماني ڪارائي ۽ پوءِ دلشاد پنهنجي وٽ وڃڻ ٿيو، تہ خبر پئي تہ ان جو پاسپورٽ ٺهيل آهي، ۽ سائٽس ڪچهري ٿي، ان جي مڙئي ساجد سومري تي ڪاوڙ جهڙي هئي تہ هو ايم ڪيو ايم جي ڪجهہ وڏيڪ ٿي وٽ وراڻي ڪري رهيو آهي، ان تي مون ڪيس چيو تہ هو ايم ڪيو جو ماڻهو تہ آهي، ان ڪري ان جي ايم ڪيو ايم وٽ وراڻي ڪا خراب ڳالهہ ڪا نہ آهي. جنهن کان پوءِ دلشاد کان موڪلائي آريسر ۽ سرائي موڪلائي حيدرآباد ويا ۽ مون چيو تہ مون کي شوڪت سانيل وٽ ڇڏيو پر ساجد سڌو ناظم آباد آيو، جتان ڪيس پنهنجا ڪتاب کڻڻا هئا. اتي اسان کي ڪلاڪ ٻہ لڳي ويا. ۽ رات جا ذري گهٽ ڏهہ اچي ٿيا هئا. ان ڪري مون ڪين چيو تہ مون کي ينگهوريا ڳوٺ ۾ رئوف سولنگيءَ وٽ لاهي توهان هليا وڃو، ڇو تہ دير ٿي وئي آهي، هن وقت شوڪت سانيل وٽ ڪو نہ ٿو وڃان.

رات آءٌ رئوف سولنگيءَ وٽ رهيس، صبح جو اُن وٽان 1900 ڪاپيون ڪتابن ۽ ساڄاهہ مان 1000 هڪ هزار



books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڏنائون، سي ونئي، شوڪت صاحب جي گهر 30 ساچاھ ڦٽي ڪري صدر ۾ ڪيپيٽل بڪ اسٽال وارو بند هئڻ ڪري پاسي واري دڪاندار کي ساچاھ جون ڏھ ڪاپيون ڏنيون، اردو بازار ۾ ڪانياواڙ واري کي 5 ڪاپيون ڏيڻ ويس تہ ان وٽ رش لڳي وئي هئي، ان ڪري ڪانئس، اڳوٽا پئسا وٺڻ جي بجاءِ ڪانس صرف 5 ڪاپين تي صحيح ونئي، سڌو ويس ٽاور وٽ ڪن جي مشين چيڪ ڪرائي ونڻ، جو ڊاڪٽر چيو هو تہ اتان مشين وٺڻي آهي، بازاري مشين نہ ونجان. اتان خبر پئي تہ اهو دڪان صدر ۾ آهي، صدر ۾ آيس تہ چيائون تہ اهو دڪان لائيٽ هائوس وٽ آهي. چاڪاڻ تہ ڊاڪٽر کي ايم سي بلڊنگ جي سامهون بہ لکيو تہ ان جي هيٺان صدر ڪراچي لکي ڇڏيو. ان ڪري مونجهارو پيدا ٿي پيو. بهرحال آءُ لائيٽ هائوس کان اڳيان لهي هڪ انگريزي اخبارن جي ڪباڙيءَ کان پڇا ڪئي تہ هن سٽي ڪورٽ کان اڳ ۾ کي ايم سي بلڊنگ جي سامهون، انهيءَ دڪان جي نشاندهي ڪئي. نيٺ پڇائي پڇائي دڪان هٿ اچي ويو.

بهرحال. دڪاندار جون نظر ٽپاسينڌڙ سموريون چوڪريون هيون، ۽ اهي سورهن سالن کان پنجويهن سالن جي اندر هيون، پر انهن منهنجو ڪن چڱيءَ طرح چيڪ ڪيو ۽ پوءِ آلو ڏيکاريو، جيڪو آلو مون کي ڪجھ سال اڳ



جبران چئين هزارن ۾ ونئي ڏنو هو، ان جا هڪ ڪن جي آلي جا نوَ هزار چيائون ۽ ٻنهي ڪنن جي آلن جا سورهن هزار چيائون. مون وٽ هئا ئي ٽي هزار سو انهن ٽن هزارن مان ٻہ هزار ايڊوانس ڏئي، باقي چيم تہ سڀاڻ ڏئي آجو ڪٽي ويندس. ان کان پوءِ سڌو آيس، شوڪت سانيل وٽ مون کي اميد هئي تہ ان وٽ ڪتابن گڏريل ساچاھ جا 6 هزار ڪن ٿيندا، جن ما ٻہ هزار ڇڏ ڇوٽ ڪر، باقي چار هزار ڏيندو تہ آلو وٺي ڪٽندس. پر هن مراڳو گڏريل ساچاھ جا هڪ هزار ڏنا تہ مون حجت ڪري اهو هزار بہ موٽائي سندس کيسي ۾ وڌو ۽ چيم تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار ڏي تہ وڃي، آلو ڪٽان تہ چيائين تہ اهو فلحال رک سڀاڻ هن مهل ايندي تہ باقيءَ جو بندوبست ڪري ونڌاسين. ان کانپوءِ صدر ۾ ڪيپيٽل بڪ اسٽال واري کان 1000 روپين مان صرف 400 روپيا مليا. وڌيڪ ڪو نہ ڏنائين. جنهن کان پوءِ نيو ڪراچي پنهل لاڙڪ وٽ رات جو نائين وڳي پهتس تہ خبر پئي تہ هو حيدرآباد ويو آهي، وڏي ڳالهہ پنهل يا شوڪت سانيل هجي، يا ٻيو ڪو بہ هجي، جن وٽ پيسا آهن . اهي فون ڪريان ٿو، تہ فون اٽينڊ ئي نہ ٿا ڪن، ان ڪري پنهل کي توڙي شوڪت سانيل کي ڪالهہ کان ونئي فون ڪري ٿڪو آهيان پر فون اٽينڊ نہ ٿا ڪن، اتي پنهل جي ياءُ ڪيس فون ڪئي تہ اها



books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ان اٽيندڊ ڪئي ۽ پوءِ مون ڪيس ڪئي ته اٽيندڊ نه ڪيائين، پر پوءِ ڪيس خيال ٿيو ته هاڻ هاڻ ياءُ جو فون اٽيند ڪري چڪو آهيان ۽ خاڪيءَ جي فون اٽيندڊ ڪريان، اهو سٺو ڪو نه آهي، ان ڪري مونکي فون ڪيائين ته مان ادا ڪي چوان ٿوته هو توهان کي فلحال پنج سو ڪن روپيا ڏيندا ۽ باقي حساب ٻئي دفعي ڪنداسين، مون ڪيس چيو ته ادا اها ٻه اوهان جي مهرباني، بلڪ لک لائق. رات پنهل وٽ رهي صبح جو انهن ڪان پنج سو وٺي سڌو سچل ڳوٺ حميد جويي وٽ آيس ته بڪ اسٽال تي حميد پاڻ ته ڪو نه هو. پر سندس ياءُ يا سوٽ سرور جويو ويٺو هو. جنهن کي چيم ۽ پاڻس جي لڪيت ٻه ڏيکاريم، ته هيترا پئسا ۽ هيتري بقايا آهي، جي ڏيندا ته مهرباني ٿيندي، پر چيائين ته هو پاڻ ڏيندو، ان ڪري ان ڪان موڪلائي. ٻين بجي ٽائيم شوڪت ڏنو هو، ان وٽ آيس ته هو ڪو نه هو، گهر سندس مائيٽ يا ياءُ ويٺوهو، مون چيومانس ته توهان شوڪت کي فون ڪري ڏسوس ته ڪيڏي مهل ايندو ته ان کي چيائين شام جو ايندس ، مون ان ڪان فون وٺي، ڪيس چيو ته توهان ڪالهه گذريل ساچاهه جا هزار روپيا ڏنا هئا، ۽ باقي هن ساچاهه جا هڪ هزار ڏياريو ته آءُ ڪن جو آلو وڃي ڪٽان. باقي ڪتابن جا پئسا پلي پوءِ ڏجو ته چيائين ته مون وٽ پئسو ذات ڪو نه آهي، ڏاڍيون منٿون ڪيون



مانس، چو ته مو نکي خبر هئي ته هن وٽ پئسو نه ٻه هوندو آهي ته ڪنهن کي ٻه چوندو ته ان ڪان پنج ڏهه هزار وٺي سگهندو آهي، ايتري هن جي هلندي پڄندي آهي پر هن ڀيري صفا پڙ ڪڍي بيهي رهيو ٽڪو ٻه نه ڏنائين. ان ڪري مون کي ڏاڍو ارمان ٿي پيو ته هن ئي ماڻهوءَ جڏهن 2000 ۾ ساچاهه بند ٿي ويو هوته وٽ وٽ ۽ هٽ هٽ ڪري وري ساچاهه جاري ڪرايو هو، پوءِ ڪِٿي مهيني ڏيڍ ڪان پوءِ ان مان هٿ ڪڍي ويا، پوءِ مان جمن دربدر سان ڳالهه ڪئي، ۽ ان ميمبرشپ ڪرائي ڏني ، جنهن ڪري ساچاهه جاري ٿي سگهيو. سو اهو ساڳيو ماڻهو اڄ ايترو منهن موڙ ٿي سگهي ٿو، ان جي مونکي اميد ڪا نه هئي.

هن وقت مون وٽ پيسن جي صورتحال هيءَ وڃي رهي هئي، ته هزار روپيا شوڪت سانيل ڏنا هئا، هزار روپيا رئوف سولنگيءَ ڏنا هئا، پنج سئو پنهل ڏنا هئا. ۽ چار سئو ڪيپيٽل واري ڏنا هئا، سي ڪل 2900 روپيا ۽ واڌو ڏهه روپيا هئا، جيڪي ڪرايو ڪري صدر تائين پهتس، ڪيپيٽل واري کي منت ڪيم ته ڏيڍ سئو ڏيم جو ضرورت آهي، پر هن هڪ سئوروپيا ڏنا، ان ڪري پورا ٽي هزار ته ٿي ويا، پر ڀاڙو ڪرايو ڪو نه پيو ٿئي،ان ڪري هلي ويس ”ٿامس اينڊ ٿامس“ واري وٽ ۽ ڪيس چيم ته جديد قومي ۽ بين القومي نظام ڪتاب جي



books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پنجن ڪتابن مان چار ڪتاب وڪرو ٿي ويا آهن، باقي هڪ ڪتاب آءُ واپس ٿو ڪٺان ۽ چئن ڪتابن جي چئن سون مان ٻه سئو ڪيش ڪاٽي باقي ٻه سئو روپيا ڏي٠ ايئن ٻه سئو ان ڪان ونيءَ، ٽي هزار ڪن جي آلي جي بقايا ڏنم ۽ باقي ڪرايو ڪري، گلشن حديد پهتس. ته خبر پئي، ته سيد جئندل شاهه ، عمران عباسي ۽ شهيد فاضل راهو دڪاندار جو مالڪ ڳوٺ ويل آهن، ان ڪري صرف نوازچانديي گذريل ساڃاهه جي پندرهن ڪاپين جا ٽي سئو روپيا ڏنا، باقي ڪتابن جا پئسا چيائين ته ايندڙ ڀيري ڏيندس، هن وقت ڪو نه آهن. ايئن صبح جو يارهن بجي گلشن حديد مان بس ۾ چڙهي هڪ بجي ڏاري اچي گهر پهتس. ته گهر ڪان ٻاهر سارنگ ڏهه ڪاپيون ساڃاهه جون ڪٺي جيل تي اسيرن سان ملاقات تي وڃي رهيو هو.

books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ليکڪ جا ڇپيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| .1 | آزاد گھرجي وطن (طويل نظم) (ٽيون ڇاپو) | 75 |
| .2 | ايءَ خاڪيءَ جو خيال (شاعري) | ختم ٿيل |
| .3 | ڪيڏارو (بيت) | ختم ٿيل |
| .4 | آسڻ جن اريج ۾ (طويل نظم) (ٽيون ڇاپو) | 40 |
| .5 | قومي سوال جو نظرياتي جائزو | ختم ٿيل |
| .6 | ترقي پسند ادب جا معيار (ٻيو ڇاپو) | 75 |
| .7 | ڪاٻي ڌر جي موقعي پرستي | ختم ٿيل |
| .8 | ويڳاٽپ جو فلسفو (ترجمو) | ختم ٿيل |
| .9 | پنجابي دانشور ۽ مظلوم قومون | ختم ٿيل |
| .10 | قومي علحدگي جو جمهوري حق | ختم ٿيل |
| .11 | قومي سوال جو تنقيدي جائزو ۽ حق خوداراديت (ترجمو) | ختم ٿيل |
| .12 | بينڪيت ڇا آهي؟ | ختم ٿيل |
| .13 | انقلاب جي واٽ | ختم ٿيل |
| .14 | قومي ڪارڪنن لاءِ تربيتي ڪورس | ختم ٿيل |
| .15 | ڦريا پسي ڦيڙ | 60 |
| .16 | عشق _ حب الوطني ۽ انسانيت | ختم ٿيل |
| .17 | سنڌ ۾ اردو آباديءَ جو مستقبل | ختم ٿيل |
| .18 | آزاديءَ جو حق (سهيڙيل) | ختم ٿيل |
| .19 | سورهيه بادشاه جو سنڌ جي آزاديءَ جو خواب | ختم ٿيل |
| .20 | تاريخ ۾ فرد جو ڪردار (ترجمو) | ختم ٿيل |
| .21 | سونهان پائين سنڌ نه ڏين | 60 |
| .22 | جديد قومي ۽ بين القومي نظام | 100 |
| .23 | سنڌي ۽ اردو آباديءَ جي تاريخي ضرورت | 75 |
| .24 | ادب جو قومي ڪردار | 100 |
| .25 | تنظيم ڪاريءَ جا اصول | 80 |
| .26 | اردو آبادي سائين جي ايم سيد جي نظر ۾ | 120 |
| .27 | سوشل شائونزم ۽ مظلوم قومون | 75 |
| .28 | وطن ۽ قوم جي سياست | 250 |

books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner